26 نومبر 2026ع (بمطابق: 14 جمادي الاُخريٰ 1448ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

اکيلائيءَ جي اهميت ۽ آداب

(پنهنجين تنهائين کي درست ڪرڻ ۽ تنهائيءَ ۾ ذڪرالله ۽ فڪرِ آخرت ڪرڻ جي باري ۾ بيان)

هن بيان ۾ توهان جاڻي سگهندؤ...

- ... اکيلائيءَ ۾ وَحشت چو ٿيندي...؟
- ... اسان ۽ اسان جون تنهائيون...!!
- ... پياري آقا جون 3 نصيحتون
- ... تهجد جي فضيلت جي اصل حڪمت

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَةُ

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

◈ نبوت جي گهراٽي جي روشن چراغ◈ سيّد ۽ سردار◈ حليم ۽ بردبار◈ عابد ۽ زاهد، متقي ۽ پرهيزگار◈ رسول جي ڏوهٽي◈ عليُّ المرتضيٰ جي گلشن جي مهڪندڙ گُل ◈ زهره بتول جي جگر جي ٽڪري حضرت امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عنہ فرمايو: رسولِ ذيشان، مڪي مَدَني سُلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:

صَلُّوا عَلَيَّ وَسَلِّمُوْا، فَاِنَّ صَلَاتَكُمْ وَسَلَامَكُمْ يَبْلُغُنِيْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ

مون تي درود پڙهندا ڪريو! ۽ سلام موڪليندا ڪريو! بيشڪ توهان جتي به هجو توهان جو درود ۽ توهان جو سلام مون تائين پهچندو آهي. [1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي پائرو! ڪيڏي نه خوش قسمتيءَ جي ڳالهه آهي جو مَحبُوبِ ذِيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جيڪي الله پاڪ جا محبوب آهن، بنهي جهانن جا سلطان آهن، نبين جا نبي آهن، امام الانبياء آهن، ملائڪن جا به نبي آهن، جيڪڏهن اسان درود پاڪ پڙهون ته اسان گنهگارن جو ذڪر اهڙي ذيشان صَلَّی

1...مسند ابی یعلی، مسند الحسن بن علی بن ابی طالب، جلد:5، صفحہ:167، حدیث:6755۔

اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ بارگاهه تائين پهچي ويندو آهي.

ذاتِ والا پہ بار بار درود	بار بار اور بے شمار درود
بے عدد اور بے عدد تسلیم	بے شمار اور بے شمار درود
بیٹھتے اُٹھتے جاگتے سوتے	ہو الٰہی مرا شِعار درود
شہر یارِ رُسُل کی نذر کروں	سب درودوں کی تاجدار درود[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باادب ويهندس ◈ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اکيلائيءَ ۾ وحشت ڇو ٿيندي....؟

هڪ بزرگ (يعني الله پاڪ جو نيڪ بانهو) فرمائي ٿو: هڪ پيري منهنجي ملاقات هڪ نوجوان سان ٿي، جيڪو آباديءَ کان پري، ماٹهن کان

1...ذوقِ نعت، صفحہ:123و 124 ملتقطاً۔

2...بخاری، کتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

الڳ هڪ جهنگ ۾ رهندو هو ۽ اتي ئي عبادت ڪندو رهندو هو. مان ان نوجوان سان مليس شروعاتي سلام دعا کان پوءِ مون کانئس پڇيو: اي نوجوان...!! تون اهڙي ويران جاءِ تي اڪيلو رهين ٿو؟ هتي نہ ڪو تنهنجي مدد ڪرڻ وارو آهي ۽ نہ ئي تنهنجو ڪو ساٿي آهي...؟ ان نوجوان فوراً جواب ڏنو: ڇونہ...!! خدا جو قسم! منهنجو مددگار بہ آهي ۽ منهنجو ساٿي بہ آهي. مون پڇيو: ڪٿي آهي؟ نظر تہ نہ ٿو اچي. نوجوان چيو: (منهنجو ربّ ڪريم آهي) اهو پنهنجي علم ۽ حڪمت، هدايت ۽ نعمتن ۽ عظمت سان منهنجي ساڃي ۽ ڪابي پاسي آهي (يعني جيتوڻيڪ الله پاڪ طرف ۽ جاءِ کان پاڪ آهي، پر هو پنهنجي علم ۽ حڪمت، هدايت ۽ نعمت جي ذريعي هر وقت مون سان گڏ آهي.

فرمائن ٿا: مون کانئس ٻيهر پڇيو: ڇا توکي هتي جهنگ ۾ اڪيلائي ۽ وحشت محسوس نہ ٿيندي آهي؟ ان نوجوان نهايت ئي خوبصورت جواب ڏنو، چيائين: **جنهن جو محبوب ۽ اَنِيس الله پاڪ هجي، ان کي وحشت ڪيئن ٿي سگهي ٿي...؟** مون پڇيو: ڪاڏو ڪٽان ڪائيندو آهين؟ جواب ڏنائين: جيڪو ڪريم مالڪ مون کي ماءُ جي پيٽ ۾ بہ روزي عطا فرمائيندو هو، ڇا اهو هاڻي مون کي رزق عطا نہ فرمائيندو؟ اُهو بزرگ فرمائي ٿو: نوجوان جي زبان مان اهڙو اعليٰ ڪلام ٻڌي (مان سمجهي ويس تہ هي واقعي ڪا نيڪ هستي آهن، تنهنڪري) مون کين چيو: مون کي پاڻ سان گڏ رهڻ جي اجازت ڏيو! ان نوجوان چيو: اسان ٻنهي جو گڏ رهڻ عبادت ۾ خلل وجهندو، تنهنڪري مان ان ڳالهہ کي پسند نہ ٿو ڪريان.

ان کان پوءِ جڏهن اهو نوجوان وڃڻ لڳو تہ مون چيو: توهان سان ٻيهر ملاقات ڪڏهن ٿيندي؟ چيائين: هن دنيا ۾ تہ نہ ٿيندي، پر ها! جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن ملاقات ڪرڻ چاهيو تہ اتي اچي وڃجو، جتي خوش نصيب ماڻهو الله پاڪ جي ديدار جو لطف ماڻي رهيا هوندا.

بزرگ فرمائي ٿو: (اڳ ۾ ڪيل ڳالهيون تہ سمجهہ ۾ اچڻ جهڙيون هيون، پر هيءَ ڳالهہ ڏاڍي عجيب هئي، آخر هُو ڀاڙ اِهو فيصلو ڪيئن ڪري سگهي ٿو تہ قيامت جي ڏينهن ڪيس الله پاڪ جو ديدار ٿيڻو ئي ٿيڻو آهي؟ جيئن تہ) مون کانئس پڇيو: توهان کي ڪيئن معلوم ٿيو تہ قيامت جي ڏينهن توهان کي اِهو انعام ملندو ئي ملندو؟ نوجوان چيو: الله پاڪ جي عزت جو قسم...!! مون دنيا ۾ پنهنجين اکين کي حرام کان بچايو آهي، پنهنجي نفس کي خواهشن کان پري رکيو آهي ۽ اونداهين راتين ۾ ان جي عبادت ڪئي آهي، تنهنڪري (مون کي سندس رحمت تي پڪو يقين آهي تہ منهنجي ڪوشش ضرور قبول ٿيندي ۽) الله پاڪ مون کي پنهنجي ديدار مان حصو عطا فرمائيندو.[1]

محبّت میں اپنی گُما یا الٰہی!
رہوں مَست و بے خُود مَیں تیری وِلا میں
میں بے کار باتوں سے بچ کے ہمیشہ
عبادت میں گزرے مِری زندگانی

نہ پاؤں مَیں اپنا پتا یا الٰہی!
پِلا جَام ایسا پِلا یا الٰہی!
کروں تیری حمد و ثنا یا الٰہی!
کرم ہو کرم یا خُدا! یا الٰہی![2]

[1] الروض الفائق فی المواعظ والرقائق، المجلس الحادی والثلاثون...الخ، صفحہ:166 و 167 ملتقطاً ۔
2...وسائل بخشش، صفحہ:105 ملتقطاً۔

واقعي مان حاصل ٿيڻ وارو سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! هن خوبصورت ۽ ايمان افروز واقعي تي غور فرمايو! هن ۾ سکڻ لاءِ ڪيترين ئي ڳالهيون موجود آهن.

جوانيءَ ۾ عبادت ڪريو....!!

سڀ کان پهرين هيءَ ڳالهه ڏسو ته ان بزرگ جي جنهن نوجوان سان ملاقات ٿي ◈ اهو تمام گهٽو عبادت گذار هو ◈ نيڪ هو ◈ پنهنجين اکين کي گناهن کان بچائڻ وارو هو ◈ نفساني خواهشن کان پاڻ کي روڪڻ وارو هو◈ اڪيلائيءَ ۾ رَهِي الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ وارو هو، پر اُن جي عمر ڪيتري هئي....؟ اڃي ڏاڙهيءَ وارو هو؟ سندن چيلهه ڇِڀي ٿي چڪي هئي؟ پوڙهو ٿي چڪو هو؟ نه نه...!! اُهو جهنگ ۾ اڪيلائيءَ ۾ عبادت ۾ مشغول رهڻ وارو هڪ **نوجوان** هو، جنهن جوانيءَ ۾ ئي پاڻ کي عبادت جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو ◈اڄڪلهه نوجوان سوشل ميڊيا (***Social Media***) تي وقت ضايع ڪندي نظر اچن ٿا ◈ گنديون ويب سائيٽون وزٽ (***Visit***) ڪندا رهن ٿا ◈ گندا مناظر ڏسي پنهنجون اکيون ناپاڪ ڪندا رهن ٿا ◈ گرلز اسڪولن ۽ ڪاليجن جي سامهون بينا هوندا آهن ۽ مَعَاذَالله! معاشري جي مائرن، پيئرن ۽ ڏيئرن تي ميريون نظرون وجهندا رهندا آهن. مَاشَآءَالله! هُو به نوجوان هو ۽ جوانيءَ ۾ ئي پنهنجين اکين کي گناهن کان بچائي رکيو هئائين.

◈اڄڪلهه جا نوجوان وڏا وڏا خواب ڏسندي نه ٿا ٽڪجن ◈ ڪنهن کي وڏيون وڏيون گاڏيون خريد ڪرڻيون آهن ◈ ڪنهن کي بنگلا ۽ ڪوٺيون

ناهٹيون آهن ◈ کنهن کي مهانگيون موبائلون خريد ڪرڻ جو حرص آهي ◈ ڪو سير ۽ تفريح جي نالي تي گناهن پريل ماڳن جو رخ ڪندو آهي ◈ ڪجهه نادان گهٽين ۽ چونڪن تي ويهي پنهنجو وقت وڃائيندا آهن ◈ کي روڊن تي ون ويلنگ (*One Wheeling*) ڪندا نظر ايندا آهن مَعَاذَاللّٰه! ون ويلنگ ڪندي ۽ اسٽنٽ (*Stunt*) ڏيکارينديِ ڪِري پوندا آهن، زخمي ٿي پوندا آهن يا پنهنجي جان تان هٿ ڪٽي ويهندا آهن، مطلب تہ اسان جا اڄ جا نوجوان نفساني خواهشن جي پنڃان چريَن جيان دوڙي رهيا آهن ۽ ٻئي طرف مَاشَآءَاللّٰه! اُهو بہ نوجوان هو، جيڪو پرپور جوانيءَ ۾ نفساني خواهشن کان پاڻ کي روڪي، اللّٰه پاڪ جي عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول هو.

ان مان اسان کي معلوم ٿيو تہ اصل امتحان جو وقت **جواني** آهي. اِها جواني ئي آهي، جيڪا مستاني هوندي آهي، اِها جواني ئي آهي، جيڪا ديواني هوندي آهي. ان ئي جوانيءَ کي سنيالڻ، ان ئي جوانيءَ کي اللّٰه پاڪ جي عبادت لاءِ وقف ڪري ڇڏڻ ۽ ان ئي جوانيءَ کي گناهن کان پاڪ ڪري ڇڏڻ ئي اصل ڪاميابي آهي.

99 صديقن جي برابر ثواب

رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

مَا مِنْ نَاشِئٍ يَنْشَأُ فِي الْعِبَادَةِ حَتّٰى يُدْرِكَهُ الْمَوْتُ

ترجمو: جيڪو نوجوان پنهنجي جواني اللّٰه پاڪ جي عبادت ۾ گذاري ڇڏي، ايسيتائين جو (عبادت ڪندي ڪندي) کيس موت اچي وڃي

اِلَّا اَعْطَاهُ اللّٰهُ اَجْرَ تِسْعَةٍ وَّتِسْعِيْنَ صِدِّيْقًا

ترجمو: الله پاڪ ان کي 99 صديقن جو ثواب عطا فرمائيندو آهي.[1]

الله پاڪ جو سڀ کان پسنديده بانهو

رسولِ رحمت، شفيع امت صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم فرمايو:

مَا مِنْ شَيْءٍ اَحَبُّ اِلَى اللّٰهِ مِنْ شَابٍّ تَائِبٍ

ترجمو: توبهه ڪرڻ واري نوجوان کان وڌيڪ الله پاڪ کي بي کا به شيءِ محبوب نه آهي.[2]

وڌيڪ فرمايائون:

وَمَا مِنْ شَيْءٍ اَبْغَضُ اِلَى اللّٰهِ تَعَالٰى مِنْ شَيْخٍ مُقِيْمٍ عَلٰى مَعَاصِيْهِ

ترجمو: ۽ گناهن تي قائم رهڻ واري پوڙهي کان وڌيڪ الله پاڪ کي بي کا به شيءِ ناپسند نه آهي.[3]

جهنم کان پري ٿي ويندو

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰهُ عنه کان روايت آهي ته نبين جي سردار، مڪي مدني تاجدار صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم فرمايو:

مَنْ شَابَ شَيْبَةً فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ تَبَاعَدَتْ مِنْهُ جَهَنَّمُ مَسِيْرَةَ خَمْسَمِائَةِ عَامٍ

---

[1] معجم اوسط، جلد:1، صفحه:228، حديث:780۔
[2] رساله قشيريه، باب التوبه، صفحه:126۔
[3] جامع صغير، صفحه:492، حديث:8050۔

ترجمو: جنهن جو الله جي راهه ۾ (يعني دين جي خدمت ڪندي ڪندي) هڪ وار اڇو ٿيو، جهنم کي ان کان 500 سالن جي مسافت جيترو پري ڪيو ويندو آهي. (جامع صغير، حديث: 12415)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي پائرو! ڪيڏيون نہ فضيلت واريون ڳالهيون آهن ◈ جوانيءَ ۾ توبهہ ڪرڻ وارو الله پاڪ جو پيارو آهي ◈ جيڪو پنهنجي جواني عبادت ۾ گذاري، مثال طور ◈ جوانيءَ کان ئي نمازي بڻجي وڃي ◈ جوانيءَ ۾ ئي سنتون اختيار ڪري وٺي ◈ جوانيءَ ۾ ئي ڏاڙهي شريف سجائي ڇڏي ◈ جوانيءَ ۾ ئي عمامي شريف جو تاج پنهنجي مٿي تي سجائي ڇڏي ◈ جوانيءَ ۾ ئي علمِ دين سکڻ ۾ لڳي وڃي ◈ جوانيءَ ۾ ئي نيڪيءَ جي دعوت جون ڏومون مچائڻ شروع ڪري ڏئي ◈ جوانيءَ کان ئي قافلن جو مسافر بڻجي وڃي ◈درس و بيان پنهنجي عادت بڻائي ڇڏي ◈ هفتيوار اجتماعن ۾ شرڪت ڪري، مطلب تہ پنهنجي پوري جواني نيڪيون ڪندي ڪندي گذاري ڇڏي ۽ ايتري تائين جو پنهنجي سڄي زندگي نيڪين ۾ گذاري دنيا مان هليو وڃي، تہ ان کي 99 صديقن جي برابر ثواب عطا ڪيو ويندو ◈ جواني الله جي راهه ۾ گذارڻ واري کي قيامت جي ڏينهن نور عطا ڪيو ويندو ◈ ۽ ان کي جهنم کان پري رکيو ويندو.

مُطِيع اپنا مجھ کو بنایا الٰہی!
تُو اَنگریزی فیشن سے ہر دم بچا کر
دے شوقِ تلاوت دے ذَوقِ عبادت
ہو اَخلاق اچّھا ہو کردار سُتھرا

سدا سُنّتوں پر چلایا الٰہی!
مجھے سنّتوں پر چلایا الٰہی!
رہوں باوُضو میں سدا یا الٰہی!
مُجھے متّقی تُو بنایا الٰہی!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اسان ۾ اسان جون تنهائيون...!!

پيارا اسلامي پائرو! هن واقعي ۾ هڪ نهايت ئي خوبصورت ڳالهه آهي، جنهن ڏانهن مان خاص طور تي اوهان جو ڌيان ڇڪائڻ چاهيان ٿو. اها هيءَ آهي ته جڏهن ان نيڪ نوجوان کان بزرگ پڇيو: ڇا اوهان کي هن جهنگ ۽ بيابان ۾ اڪيلائپ ۾ خوف نه ٿيندو آهي؟ وحشت محسوس نه ٿيندي آهي؟ ته ان نوجوان کيڏو نه پيارو جواب ڏنو، چيائين: **جنهن جو محبوب ۽ اَنِيس الله پاڪ هجي، يعني جنهن کي الله پاڪ جي ساڻ ۽ قرب سان لڳاءُ هجي، اُن کي اڪيلائيءَ ۾ وحشت کيئن ٿي سگهي ٿي....؟**

سُبْحٰنَ الله! کيڏي نه پياري ۽ نرالي ڳالهه آهي. جنهن سان الله پاڪ گڏ هجي، جيڪو الله پاڪ کي پنهنجي ويجهو محسوس ڪندو هجي، ان کي وحشت ۽ اڪيلائي کيئن محسوس ٿي سگهي ٿي...!! افسوس! اڄ اسان جون حالتون ان جي بلڪل ابتڙ ٿي چڪيون آهن. اسان وٽ ماڻهو **10 منٽ** به اڪيلائيءَ ۾ نه ٿا گذاري سگهن ◈ اسان کي پنهنجي بوريت ختم ڪرڻ جي لاءِ دوستن جي ضرورت پوندي آهي ◈ اسپتال، اسٽيشن يا ڪنهن بي جاءِ تي ڪجهه وقت انتظار ڪرڻو پئجي وجي ته دل تي بار محسوس ٿيڻ لڳندو آهي ◈ جيڪڏهن ڪٽي ڪجهه وقت خالي ملي وجي ته هڪ منٽ به نه گذرندو آهي، مان هيءَ ڳالهه وڌائي بيان نه ڪري رهيو آهيان، پر حقيقت ۾ ائين ئي آهي ته هڪ منٽ به اڪيلو ويهڻ اسان کي ڏکيو لڳندو آهي، يڪدم موبائل هٿ ۾ کڻي ونندا آهيون ۽ **اسان اڪيلائيءَ ۾ بہ سڄي دنيا سان رابطي ۾ هوندا آهيون** ◈ ائين کڻي چئجي موبائل ته هڪ اهڙو راندیڪو اسان جي هٿن ۾ اچي ويو آهي، جنهن جڻ ته اسان کي ئي راندیڪو بڻائي ڇڏيو آهي

◈ بس ۾ آهيون ته موبائل هٿ ۾ آهي ◈ رکشا ۾ آهيون ته موبائل هٿ ۾ آهي ◈ ڪٽي قطار ۾ بينا آهيون ته موبائل هٿ ۾ آهي ◈ هوٽل ◈ بس اسٽينڊ ◈ گهر ◈ آفيس ◈ دڪان يا مڪان، مطلب ته جتي به هوندا آهيون، موبائل اسان جي هٿن ۾ هوندو آهي، ڊيٽا آن آهي، واٽس ايپ، سوشل ميڊيا ۽ نه ڇاڻ الائي ڇا ڇا هلي رهيو هوندو آهي ◈باقاعدي پابندي لڳائي وئي آهي ته ڊرائيونگ جي دوران موبائل استعمال نه ٿي ڪري سگهجي، ان جي باوجود ڪيترائي نادان آهن، جيڪي ڊرائيونگ جي دوران به موبائل هلائي رهيا هوندا آهن. ◈رات جو سمهڻ کان اڳ موبائل هلائڻ کان ڊاڪٽر به منع ڪندا آهن پر مجال آهي جو اسان ان کان پري رهون! بستري تي ليٽيل هوندا آهيون، بلڪل اڪيلائيءَ ۾ هوندا آهيون، پر موبائل هلندو رهندو آهي.

مطلب ته اسان کي پنهنجي اڪيلائيءَ کي رنگين بڻائڻ جي لاءِ، بوريت کان بچڻ جي لاءِ يا ته دوستن جي ضرورت هوندي آهي يا موبائل جي ضرورت هوندي آهي ۽ صرف خالي موبائل ئي نه پر ان سان گڏ انٽرنيٽ جو پيڪيج به ضرور گهرجي. ڪڏهن اتفاق سان (*Accidently*) پيڪيج ختم ٿي وڃي ته **10 منٽ** گذارڻ به ڏکيا لڳندا آهن.

ڪاش! اسان جي اها سوچ بڻجي وڃي ته ڪاش! الله پاڪ جي بارگاهه ۾ به ڪجهه وقت گذارڻ نصيب ٿي وڃي.

عبادت جيڪا جَڏِي وئي

افسوس! اسان الله پاڪ جي بارگاهه ۾ وقت نه ٿا گذاريون. حضرت امام ابن سيرين رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اَلْعُزْلَةُ عِبَادَةٌ يعني الله پاڪ جي ياد ۾ اڪيلائيءَ ۾

ويهڻ ۾ عبادت آهي.[1]

اڄ اسان ٿورو پنهنجو پاڻ تي غور ڪريون ته اسان مان اِها عبادت ڪير ڪري رهيو آهي....؟ دل ئي دل ۾ پنهنجن 24 ڪلاڪن جو جائزو ونو! ◈ اسان ڪمائيندا ۾ آهيون ◈ اسان ڪائيندا ۾ آهيون ◈ دوستن کي ۾ وقت ڏيندا آهيون ◈ پارن ڇڻ کي ۾ وقت ڏيندا آهيون ◈ ڪرڻ وارا ورزش ۾ ڪندا آهن ◈ ڪرڻ وارا پنهنجا سماجي ڪم (*Social Working*) ۾ ڪندا آهن، پر سوچيو ته ڇا ڪڏهن ائين ۾ ٿيندو آهي ته رات هجي، اڪيلائي هجي، ڪمري جي ڪا ڪنڊ هجي، صرف ۽ صرف اسان هجون ۽ اسان جو ڪريم ربُ هجي، وچ ۾ ڪو ٽيون نه هجي، نه ٻار ٻچا، نه ڪاروبار، نه دوست، نه موبائل ۽ نه ئي ڪا بي شيءِ...!! بس اسان تنهائيءَ ۾ ويهي صرف ۽ صرف پنهنجي الله پاڪ کي ياد ڪري رهيا هجون...!! جيئن چوندا آهن ته:

دِل میں ہو یادِ تِری گوشۂ تنہائی ہو | پھر تو خلوَت میں عجب اَنجُمن آرائی ہو[2]

ٿورو غور ڪريو ته اهڙا لمحا اسان جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ايندا آهن؟ ڇا 24 ڪلاڪن مان کي 5 منٽ ۾ اسان اهڙا گذاريندا آهيون...؟ شايد اسان جي اڪثريت اِهو ڪم نه ڪندي هوندي، جيتوڻيڪ اِهو ۾ نهايت اهم ترين ڪم آهي.

اي محبوبَ! اڪيلائي اختيار ڪريو!

سُورة مُزَمِّل پڙهو! الله پاڪ پنهنجي محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان

---

[1] موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب العزلۃ والانفراد، جلد:6، صفحہ:503، رقم:14۔

2··ذوق نعت، صفحہ:204۔

صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم کي فرمايو:

اِنَّ لَكَ فِي النَّهَارِ سَبۡحًا طَوِيۡلًا ؕ (۷) وَ اذۡكُرِ اسۡمَ رَبِّكَ وَ تَبَتَّلۡ اِلَيۡهِ تَبۡتِيۡلًا ؕ (۸) (پارو: 29، سورة المزمل: 7، 8)

ترجمو کنزالعرفان: بيشڪ ڏينهن ۾ تہ توکي گهٽا ڪم آهن ۽ پنهنجي رب جو نالو ياد ڪر ۽ سيني کان جدا ٿي فقط انهيءَ جو ٿي رهہ.

پيارا اسلامي ڀائرو! هنن آيتن تي ٿورو غور ڪريو! اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم جن جي مبارڪ زندگيءَ ۾ هڪ سيڪنڊ جو ڪروڙون حصو بہ ڪڏهن يادِ الٰهي کان خالي نہ ٿيو، جن جو هڪ هڪ سيڪنڊ الله پاڪ جي رضا وارن ڪمن ۾ گذرندو هو، اُن آقا صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم کي فرمايو ويو:

اِنَّ لَكَ فِي النَّهَارِ سَبۡحًا طَوِيۡلًا ؕ (۷) (پارو: 29، سورة المزمل: 7)

ترجمو کنزالعرفان: بيشڪ ڏينهن ۾ تہ توکي گهٽا ڪم آهن.

يعني اي محبوب صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم! ڏينهن ۾ تہ ٻيا بہ ڪيترائي ڪم آهن ◈ نيڪيءَ جي دعوت بہ ڏيڻي آهي ◈ صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي تربيت بہ فرمائڻي آهي◈ قرآن بہ سيکارڻو آهي ◈ حڪمت بہ سيکارڻي آهي ◈ ماڻهن جون دليون بہ پاڪ ڪرڻيون آهن ◈ دنيا کي قيامت تائين زندگي گذارڻ جو طريقہ ڪار بہ ٻڌائڻو آهي ◈ جاهليت جون رسمون بہ مٽائڻيون آهن ◈ دين کي غالب ڪرڻ لاءِ ڪوششون بہ ڪرڻيون آهن ◈اي محبوب صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم! ڪڏهن طائف وڃڻو پوندو◈ ڪڏهن بدر ۾ قيام ڪرڻو پوندو ◈ ڪڏهن اُحد شريف تي قدم مبارڪ رکڻا پوندا ◈ محتاج، غريب ۽ بي

سهارا ۾ اوهان جي درِ دولت تي حاضر ٿيندا ◈ پريشان حال ماڻهو پنهنجون پريشانيون ۾ کڻي ايندا، انهن سيني جي دستگيري ۾ فرمائڻي پوندي. مطلب تہ اهي سموريون مصروفيتون، جيڪي يقيناً خالص ديني مصروفيتون آهن ۽ الله پاڪ جي رضا وارا ئي ڪم آهن، پر ان جي باوجود ۾ اي پيارا محبوب صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم! رات جو هڪ خالص اکيلائيءَ جو وقت مقرر فرمايو!

وَ اذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَ تَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا ؕ (۸) (پارو: 29، سورة المزمل: 8)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ پنهنجي رب جو نالو ياد ڪر ۽ سيني کان جدا ٿي فقط انهيءَ جو ٿي رهہ.

الله پاڪ جو ذڪر ڪندا رهو ۽ سيني کان ڪٽجي صرف الله پاڪ جا ئي ٿي رهو!

اڄ جي دور ۾ اکيلائي اختيار ڪرڻ جو طريقو

سُبْحٰنَ الله! هي اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم کي فرمايو ويو، اسان کي ۾ ان مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي.

بهرحال، اِهو اولياءِ ڪرام ۽ الله پاڪ جي نيڪ بانهن جو طريقو رهيو آهي تہ اهي شروعات ۾ مڪمل اکيلائي اختيار ڪندا هئا، غارن ۾ رهندا هئا ۽ وڏي دل جَمعِيءَ سان الله پاڪ جي عبادت ڪندا هئا. جڏهن سندن دل مڪمل طور عبادت جي عادي ٿي ويندي هئي، ان کان پوءِ ئي آبادِيءَ ڏانهن رخ ڪندا هئا. نيڪ آهي...!! اسان کان اِهو نہ ٿو ٿي سگهي، اسان پنهنجو گهر بار نہ ٿا ڇڏي سگهون، ڪاروبار ۾ آهي، ڪم ڪار ۾ آهي، ڪمائڻو ۾ آهي، کائڻو ۾ آهي، زال ۽ ٻارن سان محبت ۾ آهي، ماءُ پيءُ جا حق ۾ آهن،

مطلب تہ کيترين ئي ذميواريون آهن. گهٽ ۾ گهٽ اسان ايترو تہ کريون، جيترو قرآن کريم اسان کي سيکاريو آهي. الله پاڪ فرمايو:

اِنَّ لَكَ فِي النَّهَارِ سَبۡحًا طَوِيۡلًا ؕ (۷)

(پارو: 29، سورة المزمل: 7)

ترجموکنزالعرفان: بيشڪ ڏينهن ۾ تہ توکي گهڻا ڪم آهن.

ڏينهن جو اسان جون مصروفيتون هونديون آهن. گهٽ ۾ گهٽ رات جي وقت مان ٿورو حصو، 2 ڪلاڪ، 1 ڪلاڪ ، اڌ ڪلاڪ ، 15 منٽ، پلا صرف 10 منٽ ئي سهي، اسان اکيلائيءَ ۾ ويهي رهون، خالص اکيلائيءَ ۾ ويهي صرف ۽ صرف پنهنجي ربَ ڪريم جي ياد ۾ گم ٿي وڃون. ان جي عبادت ڪندا ڪيون.

اکيلائيءَ جي عبادت جو ثواب

روايتن جو خلاصو آهي ◈ الله پاڪ اکيلائيءَ ۾ رهڻ (۽ عبادت ڪرڻ) واري کي پسند فرمائي ٿو.[1] ◈ ۽ اکيلائيءَ ۾ عبادت ڪندڙ سياڻي قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش جي چانوَ ۾ هوندو.[2] .◈حضرت ڪعب الاحبار رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: جنهن هڪ رات بہ الله پاڪ جي اهڙيءَ ريت عبادت ڪئي جو ڪيس کو سجاڻندڙ نہ ڏسي، تہ هو گناهن مان اهڙيءَ طرح نڪري ويو، جيئن پنهنجي رات مان نڪري ويندو آهي.[3] ◈ ڪنهن حضرت سفيان ثوري رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه کي خواب ۾ ڏٺو تہ پڇيو: الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ پاڻ ڪجهہ شعر پڙهيا، جن جو خلاصو هي آهي تہ: الله پاڪ مون کي فرمايو:

---

[1] حلية الاولیا، جلد:1، صفحہ:451، رقم:1278۔
[2] مسلم، کتاب الزکاة، باب فضل اخفاء الصدقة، صفحہ:370، حدیث:1031۔
[3] حلية الاولیا، جلد:5، صفحہ:420، رقم:7590۔

اي سفيان! تون منهنجي خوشنوديءَ ۽ ديدار لاءِ رات جو اکيلائيءَ ۾ منهنجي عبادت ڪندو هئين، اڄ تون جيڪو چاهين سو جنتي محل وٺ ۽ منهنجو ديدار ڪندو رهه.[1]

اے کاش! شبِ تنہائی میں، فرقت کا اَلَم تڑپاتا رہے
لمحہ لمحہ اُلفت کی آگ کو اور بھی تُو بھڑکاتا رہے
میں عشق میں یوں گم ہو جاؤں، ہر گز نہ پتا اپنا پاؤں
جب جب میں تڑپ کر گر جاؤں، تِرا دستِ عنایت اُٹھاتا رہے(2)

پيارا اسلامي پائرو! هيءَ اُها عبادت آهي، جيڪا هاڻي ڇڏي ڏني وئي آهي. اسان کي پنهنجي روزاني معمولات ۾ هن عبادت کي به لازمي طور شامل ڪرڻ گهرجي.

پياري آقا جو پيارو پانهو

اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم فرمايو:

اِنَّ اَعْجَبَ النَّاسِ اِلَیَّ

ترجمو: بيشڪ ماڻهن مان اهو پانهو جيڪو مون کي تمام گهڻو پسند آهي.

اللهُ اکبر! لفظن تي غور ڪريو! منهنجا ۽ اوهان جا آقا، محبوبِ خدا صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم فرمائي رهيا آهن ته اهو پانهو جيڪو مون کي تمام گهڻو پسند آهي، جيڪو مون کي نهايت ئي سنو لڳندو آهي، اهو ڪير آهي؟ فرمايائون:

---

[1] احياء العلوم، كتاب ذكر الموت و ما بعده، بيان منامات المشايخ، جلد:4، صفحه:616۔
2...وسائل بخشش، صفحه:474 ملتقطاً۔

رَجُلٌ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَرَسُولِهٖ، وَيُقِيمُ الصَّلاةَ، وَيُؤْتِي الزَّكَاةَ، وَيُعَمِّرُ مَالَهٗ، وَيَحْفَظُ دِينَهٗ، وَيَعْتَزِلُ النَّاسَ

ترجمو: اهو بانهو، جيڪو الله ۽ رسول تي ايمان آڻيندو آهي، نماز قائم ڪندو آهي، زڪوات ادا ڪندو آهي، پاڻ کي مالي لحاظ کان مضبوط بڻائيندو آهي، پنهنجي دين جي حفاظت ڪندو آهي ۽ ماڻهن کان الڳ ٿي تنهائي اختيار ڪندو آهي.

سُبْحٰنَ الله! اهو بانهو جيڪو عبادت ڪندو آهي، پنهنجي دنيا جي به حفاظت ڪندو آهي، پنهنجي دين جي به حفاظت ڪندو آهي ۽ اڪيلائي اختيار ڪندو آهي، اُهو خوشنصيب پياري آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي تمام گهڻو پسند آهي ۽ کين نهايت ئي پيارو آهي.

اللہ کا مَحْبُوب بنے، جو تمہیں چاہے
اُس کا تو یہاں ہی نہیں کچھ تم جسے چاہو

پياري آقا جون 3 نصيحتون

حديث پاڪ ۾ آهي ته حضرت عقبہ بن عامر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کان پڇيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! نجات ڇا آهي؟ فرمايائون:

اَمْلِكْ عَلَيْكَ لِسَانَكَ، وَلْيَسَعْكَ بَيْتُكَ، وَابْكِ عَلٰى خَطِيْئَتِكَ

ترجمو: (1): پنهنجي زبان کي قابو ۾ رکو! **(2):** توهان جو گهر توهان جي لاءِ کافي ٿي وڃي **(3):** پنهنجين خطائن تي روئندا رهو....!![1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي 3 نهايت پياريون نصيحتون آهن ۽ ٽئي عمل ڪرڻ جي لائق آهن.

(1): پنهنجي زبان کي قابو ۾ رکو! ڇوتہ اڪثر گناهہ زبان سان ئي ٿيندا آهن، تنهنڪري گهر ۾ هجو يا ٻاهر، هر هنڌ پنهنجي زبان جي حفاظت ڪريو! ائين ڪرڻ سان گناهن کان بچيل رهندؤ **(2):** گهٽو وقت گهر ۾ گذاريو! يعني بغير ضرورت جي گهر کان ٻاهر نہ نڪرو! ماڻهن وٽ اجايو نہ ويهو! پنهنجي گهر جي تنهائيءَ کي غنيمت سمجهو! ڇوتہ ان ۾ سوين آفتن کان حفاظت آهي. **(3):** پنهنجن گناهن تي روئندا رهو!

گهر ۾ دَرس ٿيندو هو

روايتن ۾ آيو آهي: رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم رات جو اَزْواجِ پاڪ سان گڏ تشريف فرما ٿيندا هئا ۽ ساڻن حڪمت ڀريون ڳالهيون فرمائيندا هئا.[2]

هن ۾ اسان جي لاءِ بہ دَرس آهي تہ جڏهن اسين بہ گهر ۾ اچون، اڪيلائي اِختيار ڪريون تہ ◈ عبادت ۾ مصروف هجون ◈. تِلاوت ڪريون ◈. قرآنِ ڪريم جون آيتون ۽ انهن جو تفسير پڙهون، اُتي ئي گهر وارن کي سُنّتن جو دَرس بہ ڏيندا ڪريون. تنهنڪري ڪوشش ڪريو تہ روزانو 7 منٽن جو دَرس ڏيو! هن لاءِ اميرِ اهلسنّت مولانا الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو

[1] ترمذی، کتاب الزہد، باب ما جاء فی حفظ اللسان، صفحہ:572، حدیث:2406۔
[2] سبل الہدی ، جماع ابواب سیرتہ...الخ، الباب الاول...الخ، جلد:7، صفحہ:249 ماخوذاً۔

ڪتاب "فيضانِ سُنّت" خريد ڪري ونو! اهڙيءَ طرح سندن ٻيا ڪُتُب و رسائِل مثلاً ◈ فيضانِ نماز ◈ غيبت جون تباهه ڪاريون ◈ نيڪيءَ جي دعوت ◈ گفتگو جا آداب وغيره حاصِل ڪريو! چاهيو تہ دعوتِ اسلاميءَ جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان مُفت ڊائون لوڊ ڪري ونو! روزانو گهر وارن کي ويهاري، پردي جي احتياط رکندي، پنج منٹ پڙهي ٻُڌائي ڇڏيو! جيڪو لکيل آهي، اهو ئي پڙهو! پوءِ دُعا گهري ونو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

افضل ڪير....؟

هڪ پيري بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو ويو:

اَیُّ النَّاسِ اَفْضَلُ

ترجمو: سي ڪان وڌيڪ فضيلت وارو ڪير آهي؟

فرمايائون: اهو مؤمن، جيڪو الله پاڪ جي راهه ۾ پنهنجي جانِ ۽ مال قربان ڪري ڇڏيندو آهي.

عرض ڪيو ويو: ان کان پوءِ ڪير؟ فرمايائون:

مُؤْمِنٌ فِیْ شِعْبٍ مِنَ الشِّعَابِ، یَعْبُدُ اللّٰهَ رَبَّهٗ وَیَدَعُ النَّاسَ مِنْ شَرِّهٖ

ترجمو: اهو ايمان وارو افضل آهي، جيڪو ڪنهن واديءَ ۾ اڪيلو رهي الله پاڪ جي عبادت ڪندو آهي ۽ ماڻهن کي پنهنجي شر کان محفوظ رکندو آهي.[1]

[1] مسلم، كتاب الامارة، باب فضل الجهاد والرباط، صفحه:754، حديث:1888۔

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ جيڪو شخص الله پاڪ جي ياد لاءِ تنهائي اختيار ڪندو آهي، اهو وڏي فضيلت وارو آهي.

2 قابلِ غور ڳالهيون

هتي 2 ڳالهيون قابلِ غور آهن: (1): پياري محبوب صَلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم عبادت جي لاءِ گوشہ نشيني جو حڪم ڏنو: ان جو مطلب هي آهي تہ اسان نيڪيءَ جي دعوت وغيره جهڙن سنن ڪمن لاءِ ماڻهن سان ميل جول رکون ۽ جيئن ئي انهن ڪمن کان فارغ ٿيون تہ فوراً گهر واپس موٽي اچون ۽ نيڪين ۾ مشغول ٿي وجون. ماڻهن جي وچ ۾ گهٽو رهنداسين تہ طرح طرح جي فتنن ۾ مبتلا ٿيندا رهنداسين. (2): ڪناره ڪشي ۽ گوشہ نشينيءَ جو مطلب اِهو نہ آهي تہ اسان ماڻهن کان بچي وجون، پر فرمايو ويو تہ ماڻهن کي پنهنجي شر کان محفوظ رکڻ وارو افضل آهي. هي گوشہ نشيني اختيار ڪرڻ جي نيت جو بيان آهي. اسان ماڻهن کان الڳ رهي ڪري عبادت ڪريون تہ ان ۾ تڪبر ۾ مبتلا نہ ٿيڻ گهرجي، ٻين کي پاڻ کان گهٽ نہ سمجهڻ گهرجي ۽ اهڙي سوچ نہ رکڻ گهرجي تہ ماڻهو خراب آهن ۽ مان سٺو آهيان. پر هيءَ سوچ رکڻ گهرجي تہ سڀ ماڻهو سٺا آهن ۽ مان انتهائي خراب آهيان، منهنجي گندگي ڪنهن ٻئي تائين نہ پهچي، ان ڪري مان ماڻهن کان پري ٿي رهيو آهيان.

پنهنجي نفس جو نگهبان

علامہ قُشَيري رحمۃُ اللهِ عليه لکيو آهي تہ هڪ شخص تنهائيءَ ۾ رهندو هو. ڪنهن کانئس پڇيو: ڇا توهان راهب (يعني ماڻهن کان الڳ رهڻ وارا) آهيو؟ فرمايائون: نہ، مان تہ ڪتي جي رکوالي ڪرڻ وارو آهيان. منهنجو نفس ڪتو

آهي، جيڪو ماڻهن کي ڏاڙهيندو آهي، مان ان کي ماڻهن کان پري رکندو آهيان تہ جيئن هُو کنهن کي تڪليف نہ پهچائي.[1]

هي درست انداز آهي. تنهائي اختيار ڪريو، ضرور ڪريو، پر ان ڪري نہ تہ اوهان ماڻهن جي شر کان محفوظ رهو، پر ان نيت سان تہ ماڻهو اسان جي شر کان محفوظ رهن.

میں سب سے بُرا ہوں، نگاہِ کرم ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

تهجد جي فضليت جي اصل حڪمت

هڪ پيري ڪنهن امام حسن بصري رحمۃُاللّٰہِعلیہ کان پڇيو: تهجد پڙهڻ وارن جا چهرا ٻين ماڻهن جي ٻيٺ ۾ وڌيڪ روشن هوندا آهن، ان ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟ فرمايائون: چوتہ تهجد پڙهڻ وارا الله پاڪ جي لاءِ تنهائي اختيار ڪندا آهن، تنهنڪري الله پاڪ انهن کي نوراني لباس پارائي ڇڏيندو آهي.[2]

سُبْحٰنَ اللّٰہ! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! اهو ٻانهو ڪيڏي نہ فضيلت وارو آهي، جيڪو رات جو، جڏهن سڀ ماڻهو ننڊ ۾ ستل هوندا آهن، ننڊ جا مزا وڻي رهيا هوندا آهن، تہ ان وقت هُو اڪيلائيءَ ۾، رات جي اونداهيءَ ۾ پنهنجي گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ٻيهي پنهنجي ربَ جي ياد ۾ مشغول هوندو آهي. الله پاڪ اهڙي خوش نصيب ٻانهي کي نوراني لباس پارائي ڇڏيندو آهي.

---

[1] رسالة قشيريه، باب الخلوة والعزلة، صفحه:138۔

[2] المجالسة و جواہر العلم،جلد:1، جز:1،صفحہ:75، رقم:133۔

دورِ حاضر ۾ اڪيلائيءَ اپنائڻ جو درست طريقو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جهڙن عام ماڻهن جي لاءِ اهو تمام ڏکيو آهي ته اسان گهر بار ۽ سمورا ڏيتي ليتيءَ جا معاملا ڇڏي، جهنگلن ۾ وڃي ويهي رهون ۽ اِهو پسنديده عمل به نه آهي. پر ها! ◈ مخلوق جي محبت سبب دين کان پري نه ٿيون، ڪڏهن ڪڏهن دوستن، احبابن، ٻُري صحبت ۽ ماڻهن سان ميل جول سبب عبادتن ۾ غفلت ٿي رهي هوندي آهي، ان غفلت کان بچڻ ضروري آهي ◈ ٻئي نمبر تي هيءَ ڳالهه اختيار ڪريون ته صرف ضرورت جي حد تائين ماڻهن سان ميل جول رکون، ان کان علاوه اڪثر وقت اڪيلائيءَ ۾، پنهنجي گهر جي اندر ئي گذاريون. گهٽ ۾ گهٽ ايترو ته ضرور ڪريون جو ڪجهه نه ڪجهه وقت اڪيلائيءَ ۾ الله پاڪ جي ياد لاءِ ضرور مقرر ڪري ڇڏيون.

اڪيلائيءَ اختيار ڪرڻ جا فائدا

امام غزالي رحمةُاللهِعليه فرمائن ٿا ته اڪيلائي اختيار ڪرڻ سان: ◈ عبادت ڪرڻ ◈ عبادت تي هميشگي اختيار ڪرڻ ◈ الله پاڪ جي نعمتن ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ ◈ ۽ ذوق ۽ شوق سان مطالعو ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيندو آهي ◈ ميل جول جي صورت ۾ جن براين ۾ مبتلا ٿيڻو پئجي ويندو آهي، انهن کان به ڇوٽڪارو ملي ويندو آهي، مثال طور: رياڪاري، غيبت، نيڪيءَ جو حڪم نه ڏيڻ، برائيءَ کان منع نه ڪرڻ ۽ ٻُرن دوستن جي صحبت ۾ ويهڻ سبب ٻُرن اخلاقن جو طبيعت ۾ داخل ٿي وڃڻ، هِي سڀ ميل جول جون

آفتون آهن. تنهائي اختيار ڪرڻ جي برڪت سان انهن آفتن کان بہ نجات ملي ويندي آهي.[1]

اڪيلائي اختيار ڪرڻ جي آداب جوبيان

پيارا اسلامي پائرو! اڪيلائي اختيار ڪرڻ جا 2 رکن آهن، يعني تنهائي اختيار ڪرڻ جي لاءِ اسان کي 2 ڪم ڪرڻا آهن: (1): **ڪائِن:** يعني ظاهر ۾ ماڻهن سان گڏ رهڻ (2):**بائِن:** باطن کي الله جي ياد ۾ مشغول رکڻ.

ماڻهن سان گڏ رهڻ جا آداب

ظاهر ۾ ماڻهن سان گڏ رهڻ جي لاءِ ◈ علمِ دين سکو! ٻين کي بہ سيکارينداِ رهو! اهڙي طرح اسان ماڻهن سان گڏ تہ رهنداسين، پر اسان جو اِهو ماڻهن سان گڏ رهڻ نيڪيءَ جي لاءِ هوندو، علمِ دين سکڻ ۽ سيکارڻ جي لاءِ هوندو ◈ ڪنهن ۾ بہ ڪا لالچ نہ رکو! ◈ ٻين کي فائدو پهچائيندا رهو! مثال طور◈ نيڪيءَ جي دعوت ڏيو! ◈ گناهن کان روڪيو ◈ ڪاڏو ڪارايو ◈ پاڻي پيئاريو ◈ انهن جون ديني ۽ دنياوي مشڪلاتون حل ڪريو ◈ جيڪڏهن صلاحيت رکو ٿا تہ جهيڙا ختم ڪرايو ۽ صلح ڪرايو ◈ ايثار ڪريو ◈ غريبن جي مدد ڪريو ◈ علمِ دين سيکاريو. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ماڻهو الله پاڪ جا عِيال (يعني ان جا ٻانها ۽ ان جا محتاج) آهن. الله پاڪ کي سڀ کان وڌيڪ پيارو اهو آهي، جيڪو الله پاڪ جي عِيال کي سڀ کان وڌيڪ فائدو پهچائڻ وارو آهي. (2) ◈ يعني ماڻهن سان پيار ۽ محبت وارو ورتاءُ رکو! ڪنهن کي بہ ڏک ۽

---

[1] احياء العلوم، كتاب آداب العزلة، الباب الثانى فى فوائد العزلة...الخ، جلد:2، صفحہ:282۔

2... موسُوعہ ابنِ ابی دُنیا، کتاب: قضاء الحوائج، جلد:4، صفحہ:159، حدیث:24۔

تڪليف نہ پهچايو! ◈ توهان تي جيڪي حق لازم آهن، اهي ضرور پورا ڪريو! مائُ، پيءُ، پينرون، پائر، اولاد، چاچا، ماما، ماسيون، پڦيون، دوست، احباب ۽ عام مسلمان، سيني جا حق اسان تي لازم آهن. انهن سيني جا حق پورا ڪرڻ ضروري آهي. گوشہ نشيني (يعني تنهائي اختيار ڪرڻ) جي سبب انهن مان ڪنهن جي بہ حق ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي نہ ٿئي، ان ڳالهہ جو خيال رکڻ ضروري آهي. جيڪڏهن سڀين نيتن سان حق ادا ڪنداسين تہ اِها بہ عبادت آهي.

دل ۾ ماڻهن کان الڳ رهڻ جا آداب

دل کي الله پاڪ جي ياد سان آباد رکڻ لاءِ، ميل جول گهٽ رکڻ يا ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت اڪيلائيءَ ۾ گذارڻ جي لاءِ ◈ نيت سڀي رکو! مثال طور: هيءَ نيت ڪريو تہ الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ ۽ ماڻهن کي پنهنجي شر کان محفوظ رکڻ جي لاءِ اڪيلائيءَ اختيار ڪريان ٿو ◈ دل کي وِسوسن کان پاڪ رکو! جڏهن اسان تنهائي پسند ٿي ويندا آهيون تہ شيطان اسان تي حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو آهي. تنهنڪري تنهائي اختيار ڪرڻ وقت دل کي وسوسن کان بچائڻ تمام ضروري آهي. ڪنهن جي باري ۾ بدگماني نہ ڪريو! پاڻ کي سڀو نہ سمجهو! ماڻهن جون حالتون ڏسي ائين نہ چئو تہ ماڻهو ڪيڏا خراب آهن.

سڀو هو تہ تون سمهيو پيو هجين ها

شيخ سعدي رحمۃُاللہِعليه فرمائن ٿا تہ هڪ پيري ننڍپڻ ۾ مان ۽ منهنجا والد صاحب سڄي رات عبادت ڪندا رهياسين. ڪجهہ ماڻهو سُتا پيا هئا، اهي

سُتل ئي رهيا. پوءِ جڏهن تَهجد جو وقت ٿيو تہ اسان نوافل ادا ڪيا. ان وقت مون چيو تہ هي ڪيڏا نہ برا ٻانها آهن، تهجد لاءِ بہ نہ ٿا اٿن، غفلت جي ننڊ سُتا پيا آهن. منهنجي واتان اِهي لفظ ٻڌي والد صاحب فرمايو: پٽ! اهڙا لفظ چوڻ کان بهتر هو تہ تون بہ ستُو ئي پيو هجين ها. [1]

اکيلائيءَ اختيار ڪرڻ جا ڪجهہ وڌيڪ آداب

◈ جيترا بہ احڪام توهان تي لاڳو ٿين ٿا، انهن سيني تي عمل ڪريو! مثال طور ◈ جماعت واجب آهي. [2] تنهنڪري هر نماز مسجد ۾ باجماعت ئي ادا ڪريو ◈ جمعي ۽ عيدين جي نماز لاءِ مسجد ڏانهن وڃو ◈ جيڪڏهن حج فرض آهي تہ ڪرٽو ئي پوندو ◈ اهڙي طرح جيڪڏهن نڪاح واجب ٿي وڃي تہ اهو بہ ڪرٽو ئي پوندو ◈ اهڙي ئي طرح ٻيا احڪام جيڪي اسان تي لازم ٿي وڃن، انهن کي بہ پورو ڪرٽو ئي پوندو ◈ اهڙي طرح نيڪيءَ جي دعوت ڏيو! گناهن کان روڪيو ◈ قافلن ۾ سفر ڪريو ◈ نماز جي لاءِ ماڻهن کي جاڳايو ◈ درس ڏيو. انهن نيڪ ڪمن ۽ ٻين دنياوي ضرورتن کان پوءِ جيڪو وقت بچي، اُهو اکيلائيءَ ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪريو!

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

لکي ڳُناهہ ڪرڻ جو عذاب

پيارا اسلامي ڀائرو! هونئن تہ اکيلائي ڏاڍي سُني شيءِ آهي، پر اڪثر

1...تفسير روح البيان، پاره: 26، سورۂ حجرات، زيرِ آيت: 12، جلد: 9، صفحه: 88۔

2...بهار شريعت، جلد: 1، صفحه: 582، حصه: 3۔

ڪري جڏهن ٻانهو اڪيلو هوندو آهي، تہ ڪيس ڪيترن ئي قسمن جي گناهن ۾ مشغول ٿيڻ جو خطرو لاحق ٿي ويندو آهي. خاص ڪري اڄوڪي دؤر ۾ هن جا امڪان تمام گهٽا آهن، مثلاً ◈ جيئن ئي اڪيلائيءَ جو موقعو مليو، ترت ئي موبائيل ڪيي، گنديون ويب سائيٽون وِزٽ ڪرڻ ۽ گندا منظر ڏسي ڏسي اکيون ناپاڪ ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون ◈ فحش رسالا، ڪهاڻيون ۽ تحريرون پڙهڻ شروع ڪري ڏنيون ◈ يا وري فون تي ئي ڪنهن غير محرم سان گفتگو ۾ لڳي ويا ◈ ڄاڻي واڻي فحش خيالن کي پروان چاڙهڻ ۽ انهن جا اسباب اختيار ڪرڻ شروع ڪري ڏنا ◈ ڪجهہ تہ اهڙا آهن، جيڪي بظاهِر وڏا نمازي پرهيزگار نظر ايندا آهن، ۽ جيئن ئي اڪيلائيءَ ۾ ويا، فرض ڪان غافل ٿي ويندا آهن، نمازون قضا ڪرڻ هنن لاءِ ڪو مسئلو ئي ناهي هوندو ◈ جيڪڏهن نماز قضا نہ بہ ڪن تہ جماعت ترڪ ڪري ڇڏيندا آهن.

پيارا اسلامي پائرو! ياد رکو، هي ڏاڍيون خطرناڪ شيون آهن. اسان کي اڪيلائي اختيارڪرڻي آهي تہ جيئن الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف ٿي سگهون، نہ ڪي گناهن ۾ مشغول ٿي وجون، چو تہ هن جو ڏاڍو سخت عذاب آهي. حضرت عبدالله بن زيد رَضِیَاللّٰہُعَنْہُ فرمائن ٿا: مان چند جي ابتدائي راتين ۾ قبرستان وٽان گذريس، تہ مون هڪ شخص کي قبر مان نڪرندي ڏٺو، هو زنجير ڇڪي رهيو هو، پوءِ مون ڏٺو تہ هڪ ٻئي شخص اُن زنجير کي جهلي رکيو آهي، اُن ٻئي ٻاهر نڪرندڙ شخص کي پنهنجي طرف ڇڪيو ۽ کيس قبر ۾ موٽائي ڇڏيو، پوءِ مون کيس اُن مُردي کي ماريندي ڏٺو ۽ مُردو چئي رهيو هو: چا مان نماز نہ پڙهندو هيس؟ چا مان جنابت جو غسل نہ ڪندو هيس؟ چا مان روزا نہ رکندو هيس؟ تہ اُن ماريندڙ جواب ڏنو: **ها! چو نہ (تون**

واقعي اهي ڪم تہ ڪندو هئين) پر جڏهن تون اکيلائيءَ ۾ گناهہ ڪندو هئين، تہ اُن وقت الله پاڪ کان نہ ڊڄندو هئين. [1]

کب گناہوں سے کَنارا میں کروں گا یارب!

نیک کب اے مِرے الله !بنوں گا یارب!

کب گناہوں کے مَرض سے میں شفا پاؤں گا

کب میں بیمار مدینے کا بنوں گا یارب!(2)

الله پاڪ اسان کي گُناهن کان بچڻ نصيب فرمائي، نيڪين جو شوق و ذوق نصيب ٿئي، ڪاش! عِبَادت جي لذّت مِلي وڃي ۽ ڪاش! اسين روزانو ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت خالصتاً الله پاڪ جي ياد ۾ گذارڻ لاءِ مختص ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

12 دِيني ڪمن مان هڪ دِيني ڪم: هفتيوار رسالو مطالعو

پيارا اسلامي پائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. نيڪ نمازي بڻجڻ، ظاهري ۽ باطني گناهن کان پاڻ کي بچائڻ، فڪرِ آخرت حاصل ڪرڻ ۽ الله ۽ رسول جي محبت سان دل آباد ڪرڻ جي لاءِ توهان بہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ خوب زور

---

1 الزواجر،مقدمہ، جلد:1، صفحہ:30۔

2 .. .وسائلِ بخشش، صفحہ:84۔

شور سان حصو ونو! اِنْ شَآءَاللّٰه الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون بيشمار پلايون نصيب ٿيندیون. 12ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار رسالو مطالعو به آهي.

حديث پاڪ ۾ آهي: اَلْعِلْمُ بِالتَّعَلُّمِ يعني علم سکڻ سان ايندو آهي.(1)

◈ موجوده دور جي براين مان هڪ وڏي برائي هيءَ به آهي ته ماڻهو علمِ دين کان پري ٿيندا پيا وڃن ◈ ديني ڪتاب پڙهڻ جو ذوق نه هئڻ جي برابر آهي ◈ اڄڪي زماني جا ماڻهو ديني ڪتابن سان تمام گهٽي دلچسپي رکندا هئا ◈ ڏينهن رات ڪتاب پڙهندا هئا ◈ تنهنڪري انهن وٽ ديني معلومات به ڪافي هوندي هئي ۽ سندن زندگي به پاڪيزه رهندي هئي.

اَلحمدُلِلّٰه! اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي هڪ خاصيت هيءَ به آهي ته اُهي پاڻ به علمِ دين جا تمام گهٽا شوقين آهن ۽ عاشقانِ رسول کي به ديني ڪتاب پڙهڻ جو شوق ڏيارينداً رهندا آهن ◈ پاڻ هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن ◈ مختصر رسالو هوندو آهي ◈ جيڪو ڪجهه ئي منٽن ۾ پڙهي سگهجي ٿو، توهان به پڙهندا ڪريو! اِنْ شَآءَاللّٰه الْكَرِيْم! تمام گهٽو فائدو ٿيندو ◈ ديني معلومات ۾ اضافو ٿيندو ◈ علمِ دين سکڻ جو ثواب ملندو ◈ ديني ڪتاب پڙهڻ سان دماغ به کُلندو آهي ◈ نظر وسيع ٿيندي آهي ◈ حڪمت حاصل ٿيندي آهي ◈ سوچ پاڪيزه ٿيندي آهي ◈ زندگيءَ ۾ نکار پيدا ٿيندو آهي ◈ جديد سائنسي تحقيق مطابق ڪتاب پڙهڻ سان دماغ جي بيمارين کان حفاظت ٿيندي آهي.

1... موسوعه ابن ابی الدنیا، کتاب الحلم، جلد:2، صفحه:19، حدیث:2۔

هر هفتي پابنديءَ سان **هفتيوار رسالو** پڑهڻ جي نيت ڪري ونو! اچو ته ترغيب خاطر هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

غير مسلم مسلمان ٿي ويو....!!

هندستان جي هڪ اسلامي ياءُ جو بيان آهي ته مان ڪفر جي اونداهين ۾ ٻڏڪي رهيو هئس. هڪ ڏينهن ڪنهن مون کي شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو **احترامِ مسلم** تحفي ۾ ڏنو. جڏهن مون اهو پڙهيو ته حيران ٿي ويس ته جن مسلمانن کي مون هميشه نفرت جي نظر سان ڏٺو آهي انهن جو مذهب **اسلام** ايتري حد تائين امن جو پيغام ڏئي رهيو آهي. رسالي ۾ لکيل ڳالهيون تاثير جو تير ٻڌجي منهنجي دل ۾ لَهي ويون ۽ منهنجي دل ۾ اسلام جي محبت گهر ڪري ويئي. هڪ ڏينهن مان بس ۾ سفر ڪري رهيو هئس ته ڏاڙهيءَ ۽ عمامي وارن ڪجهه اسلامي ياترن جو قافلو به بس ۾ سوار ٿيو. انهن کي ڏسڻ سان ئي مان سمجهي ويس ته هي مسلمان آهن. منهنجي دل ۾ اسلام جي محبت ته اڳ ئي پيدا ٿي چڪي هئي، تنهنڪري مان انهن کي احترام جي نگاهه سان ڏسڻ لڳس. ايتري ۾ هڪ اسلامي ياءُ نبيءِ مڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ نعت شريف پڙهڻ شروع ڪئي. مون کي ان جو انداز تمام گهڻو پسند آيو. منهنجي دلچسپي ڏسي انهن مان هڪ اسلامي ياءُ مون سان گفتگو (***Conversation***) شروع ڪئي. هن سمجهي ورتو ته مان مسلمان نه آهيان. هن مسڪرائيندي نهايت دلنشين انداز ۾ مون کي چيو: مان توهان کي اسلام قبول ڪرڻ جي درخواست (***Request***) ڪريان ٿو. مان **احترامِ مسلم** رسالو پڙهي اڳ ئي دلي طور اسلام جو شيدائي ٻڌجي چڪو

هئس. ان اسلامي ياءُ جي محبت پريي انداز منهنجي دل تي اجان وڏيڪ اثر ڪيو ۽ اَلحمدُلِلّٰه! مان ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويس. (1)

ترا شکر مولیٰ دیا دینی ماحول — نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول
دعا ہے یہ تجھ سے دل ایسا لگا دے — نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

Muslim's Funeral (غسلِ ميت وڪفن دفن) ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالاجي جو دور آهي. اَلحمدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊپارٽمينٽ طرفان مختلف موبائل ايپليڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن، جن مان هڪ موبائل ايپليڪيشن **مسلمز فيونرل** ***Muslim's Funeral*** به آهي.

هن موبائل ايپليڪيشن ۾ ◈ ميت جي غسل، ڪفن ۽ دفن وغيره بابت نهايت اهم معلومات فراهم ڪئي وئي آهي ◈ هڪ خاص ڳالهه ته ميت کي غسل ڪيئن ڏيڻو آهي؟ ◈ ڪفن ڪيئن پارائڻو آهي؟ ان جي عملي طريقي کي سمجهڻ لاءِ ***Animated Videos*** به شامل ڪيون ويون آهن ◈ هن ايپليڪيشن جو هڪ تمام اهم فيچر هي به آهي ته هن ۾ توهان کي پنهنجي ملڪ ۽ شهر جي وڏن ذميوارن جا فون نمبر به ملي ويندا، جن سان رابطو ڪري توهان ڪفن دفن جون في سبيل الله خدمتون حاصل ڪري سگهو ٿا.

1...غافل درزی، صفحہ:25۔
2... وسائل بخشش،صفحہ: 647 ملتقطاً۔

توهان به هيءَ ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

ڪجهه ضروري اعلانات

پيارا اسلامي پائرو! هر ڇنڇر تي اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن. ايندڙ ڇنڇر تي به عشاء جي نماز کان پوءِ مدني چينل تي تقريباً رات جو 8 بجي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت ڪن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين. ◈ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يا خليفهءِ امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **روحاني ۽ طبي علاج** (قسط: 02) جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا، مثال طور واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ هي رسالو ٻين سان به شيئر (Share) ڪريو! ◈مڪتبةُ المدينه امام غزالي رحمةُ اللّٰهِ عليه جو ظاهر ۽ باطن جي اصلاح ڪرڻ وارو بهترين ڪتاب **احياءالعلوم** (اردو ترجمو) 5 جِلدن ۾ شايع ڪيو آهي هن ڪتاب ۾ توهان ◈ ايمان، عقائد ۽ بنيادي اسلامي تعليمات جي وضاحت ◈ قرآن پاڪ جي تلاوت، ذڪرِ الٰهي، دعائن ۽ عبادتن جا آداب ◈

اخلاص، تقويٰ ۽ نيت جي اصلاح جي اهميت ◈ دل جي پاکيزگي ۽ باطني بيمارين کان بچڻ جا طريقا ◈ حسد، تکبر، رياکاري ۽ خود پسندي جهڙن بُرن اخلاقن جي مذمت ◈ صبر، شڪر، توبهه، توڪل ۽ الله پاڪ جي محبت جون فضيلتون ۽ ٻيو ب گهڻو ڪجهه جاڻي سگهندؤ. هي ڪتاب مڪتبةُ المدينه جي ڪنهن ب شاخ تان 5 جِلدن تي مشتمل مڪمل سيٽ 9 هزار770رپين ۾ قيمتاً طلب ڪريو. پاڻ ب ان جو مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي ب پڙهڻ جي ترغيب ڏيارِيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي پائرو! بيان کي اختتام ڈانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِیْ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ وَمَنْ اَحَبَّنِیْ كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

سچ ڳالهائڻ سنتِ مصطفيٰ آهي

2 فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: (1): سچ ڳالهائڻ نيڪي آهي ۽ نيڪي جنت ۾ وٺي ويندي آهي. [2] (2): پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کان پڇيو ويو: جنتي عمل

1...تاريخ مدينہ دمشق، رقم:829، انس بن مالك ...الخ، جلد:9، صفحہ:343۔
2... مسلم،كتاب الادب، باب قبح الكذب...الخ، صفحہ: 1405، حديث: 2607۔

ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: سچ ڳالهائڻ. [1]

اي عاسقانِ رسول! **سچ ڳالهائڻ سنتِ مصطفيٰ آهي.** ◈ اسان جا پيارا آقا، مدينی وارا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هميشه سچ ڳالهائيندا هئا ◈ انهي سبب جي ڪري ماڻهو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي **صادق ۽ امين** جي لقب سان ڄاڻيندا هئا ◈ حضرت عبدالله بن سلام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ اڃان ايمان نه آندو هو ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي ڏسڻ سان ئي پڪاريائون ته: وَجْهُهٗ لَيْسَ بِوَجْهِ كَذَّابٍ هي مبارڪ چهرو ڪوڙ ڳالهائڻ واري جو چهرو نه آهي، پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ اسلام قبول ڪري ورتو.

پيارا اسلامي پائرو! **ڪوڙ ڳالهائڻ گناهه آهي.** اسان کي سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي عمل ڪندي هميشه سچ ئي ڳالهائڻو آهي. الله پاڪ اسان سيني کي هميشه سچ ڳالهائڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن پريو سفر ڪرڻ به آهي.

1... مسند امام احمد ، جلد: 2، صفحه:589، حديث:6652۔

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پروَردگار | سنّتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار
جو گناہوں کے مَرَض سے تنگ ہے بیزار ہے | قافلہ عطارؔ اُس کے واسطے تیارؔ ہے

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ۾ري

اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

﴿1﴾ جمعي جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بينل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ وينل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا. [1]

﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. [2]

﴿4﴾ چھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ پيرو پڙهڻ سان چھ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [3]

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
2... القول البديع، الباب الثانی، ص277
3... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شخص آيو ته حُضُورِ انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي. [1]

﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [2]

﴿7﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [3]

1... القول البديع، الباب الاول، ص1125

2... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

3... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

(2) ڇٽ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڇٽ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... ابن عساكر ج 19، ص 155، حديث 4455